قرآني بيان

# شب بيداري جا

# فضائل

مدني مرڪزن (فيضان مدينه) ۾ شعبه امام مسجد(دعوت اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ

## جي مبارڪ جمعي جو

07 March 2025



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۽ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
7 مارچ 2025ع (متوقع اسلامي تاريخ 6 رمضان المبارڪ 1446ھ) جي جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان
بنام

# شب بيداري جا فضائل

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... مان ڪڏهن اچڻ جي قابل هئس...!!
- ✿... ڪامل ايمان وارن جي جزا
- ✿... جنت جو بلند رتبي وارو ماڻهو
- ✿... الله وارن جي شب بيداري

پيشڪش
اَلمَدِيۡنَةُ العِلۡمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

*For Feedback*: +92315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيِّيْن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت ابو درداء رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسولِ اڪرم، نُورِ مُجَسّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن صبح ۽ شام مون تي 10، 10 دفعا درودِ پاڪ پڑهيو، قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت نصيب ٿيندي- (1)

جس کے ماتھے شَفاعت کا سہرا رہا | اُس جَبِینِ سَعادت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

الله پاڪ فرمايو:

تَتَجَافٰى جُنُوْبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ خَوْفًا وَّ طَمَعًا ز وَّ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ (١٦)

فَلَا تَعْلَمُ نَفْسٌ مَّاۤ اُخْفِیَ لَهُمْ مِّنْ قُرَّةِ اَعْیُنٍ ج جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا یَعْمَلُوْنَ (١٧)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** انهن جا پاسا سندن سمهڻ جي جاين کان جدا هوندا آهن ۽ اهي ڊڄندي ۽ اميد ڪندي پنهنجي رب کي پڪاريندا آهن ۽ اسان جي ڏنل مان خيرات ڪندا آهن. پوءِ ڪنهن ساهه کي معلوم ناهي اها اکين جي ٺڌاڻ جيڪا انهن جي لاءِ انهن جي عملن جي بدلي ۾ لڪائي رکي آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپاري 21، سورت سجده جون ٻہ آيتون (آيت:16 ۽ 17)

[1]...الترغيب و الترهيب، ڪتاب: النوافل،صفحہ:223، حديث :19-

ٻڌڻ جو شرف حاصل ڪيو آهي. ۞سورت سجده قرآن پاڪ جي مڪّي سورتن مان هڪ مختصر سورت آهي ۞هن ۾ 3 رڪوع ۽ 30 آيتون آهن۞اسان جا پيارا آقا، مڪّي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزانو رات جو سمهڻ کان اڳ سورت سجده ۽ سورت ملڪ جي تلاوت فرمائيندا هئا ۞حضرت خالد بن معدان رَضِىَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: نجات ڏياريندڙ سورت کي پڙهندا ڪيو ۽ اها سورت الٓمّٓ تَنْزِيْلُ (يعني سورت سجده) آهي. پوءِ فرمايائون: مون وٽ هيءَ حديث پهتي آهي تہ هڪ شخص صرف انهيءَ سورت جي تلاوت ڪندو هو، جڏهن ان جو انتقال ٿيو تہ هن مبارڪ سورت ان جي سفارش ڪئي ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪيو: اي منهنجا رب ڪريم! هن جي مغفرت فرماءِ جو هيءُ هميشہ منهنجي تلاوت ڪندو هو. الله پاڪ ان ٻانهي جي حق ۾ سورت سجده جي شفاعت قبول ڪئي ۽ ان جا گناهہ نيڪين ۾ تبديل ڪري ڇڏيا ۽ ان جا درجا بلند فرمائي ڇڏيا.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙي نہ برڪت واري سورت آهي، اسان انهيءَ مبارڪ سورت جون بہ آيتون (آيت:16 ۽ 17) ٻڌڻ جو شرف حاصل ڪيو آهي. انهن ٻن آيتن ۾ ڪامل ايمان وارن جي ٻہ پاڪيزه عادتن ۽ ٻہ مبارڪ ڪيفيتن کي بيان ڪيو ويو ۽ اهو ٻڌايو ويو تہ جنهن خوش نصيب شخص کي اهي پاڪيزه عادتون ۽ ڪيفيتون نصيب آهن، ان جي لاءِ آخرت ۾ ڪهڙا انعام تيار ڪيا ويا آهن.

## (1): پهرين پاڪيزه عادت "شب بيداري"[2]

الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| تَتَجَافٰى جُنُوْبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ<br>(پاره: 21، سورۀ سجده:16) | **ترجمو ڪنزالعرفان:** انهن جا پاسا سندن سمهڻ جي جاين کان جدا هوندا آهن. |

---

[1] دارمی، کتاب فضائل القرآن، باب فی فضل سورۃ تنزیل السجدۃ ، صفحہ:1033، حدیث: 3409 ۔

2 ... رات جو جاڳي عبادت ڪرڻ

هي ڪامل ايمان وارن جي پهرين پاڪيزه عادت آهي ته انهن جا پاسا بستري کان جدا رهندا آهن. مطلب اهو آهي ته ڪامل ايمان وارا ماڻهو نماز سان محبت ڪندڙ هوندا آهن ۽ نماز پڙهڻ جي خاطر رات جو سمهندا ناهن بلڪ نمازون پڙهندا رهندا آهن.[1]

هي نماز جنهن جي خاطر ايمان وارا رات جو سمهي ناهن سگهندا، ان مان ڪهڙي نماز مراد آهي؟ ان بابت مفسرينِ ڪرام جا مختلف قول آهن.

۞ هڪ قول هي آهي ته صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان مغرب جي نماز پڙهي گهر نه ويندا هئا بلڪ مسجد ئي ۾ ويهي نفل ادا ڪندا هئا ۽ عشاء جي نماز ادا ڪري گهر واپس ويندا هئا- انهن جي باري ۾ ارشاد ٿيو:

تَتَجَافٰى جُنُوۡبُهُمۡ عَنِ الۡمَضَاجِعِ

(پاره: 21، سورة سجده:16)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** انهن جا پاسا سندن سمهڻ جي جاين کان جدا هوندا آهن.

هڪ قول هي آهي ته صحابه ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان تهجّد ادا ڪندا هئا، انهن جي باري ۾ ارشاد ٿيو ته هي ڪامل ايمان وارا آهن، انهن جو شان هي آهي ته نماز جي محبت ۾ بستري کي ڇڏي ڏيندا آهن ۽ راتين جو اٿي نمازون ادا ڪندا آهن.[2]

## (2): ٻئين پاڪيزه عادت: راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ

هن ڪامل ايمان وارن جي ٻئي پاڪيزه عادت بيان ڪندي الله پاڪ فرمايو

وَّ مِمَّا رَزَقۡنٰهُمۡ يُنۡفِقُوۡنَ ﴿۱۶﴾

(پاره: 21، سورة سجده:16)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ اسان جي ڏنل مان خيرات ڪندا آهن.

ڪيتري خوبصورت ڳالهه آهي۞ هي ڪامل ايمان وارا پنهنجي نفس جي پيروي ڪرڻ وارا ناهن۞ سستي ناهن ڪندا ۞راتين جو اُٿي عبادت ڪندا

[1] ...تفسير طبرى، پاره:21،سورة سجده، زير آيت :16،جلد:10، صفحه:238۔

[2] ...تفسير طبرى، پاره:21،سورة سجده، زير آيت :16،جلد:10، صفحه:239 خلاصةً۔

آهن،❁ ۽ گڏو گڏ هنن جي دلين ۾ مال جي محبت، حرص ۽ لالچ بہ ناهي، راهِ خدا ۾ دل کولي خرچ بہ ڪندا آهن، جڏهن تہ هنن جي دلين ۾ الله پاڪ جي محبت بہ ڀريل آهي،❁ ۽ گڏو گڏ خدا پاڪ جي مخلوق سان محبت بہ ڪندا آهن، بکايلن کي کاڌو کارائيندا آهن، غريبن جي مدد ڪندا آهن، بي سهارن جو سهارو بڻجندا آهن

## ٻہ مبارڪ ڪيفيتون

هي ڪامل ايمان وارن جون 2 پاڪيزه عادتون آهن: (1) شب بيداري[1] (2) راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ. انهن سان گڏو گڏ هنن جون مبارڪ ڪيفيتون بہ ڏسو! الله پاڪ فرمايو:

يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ خَوْفًا وَّ طَمَعًا

(پاره: 21، سورة سجده:16)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ڊڄندي ۽ اميد ڪندي پنهنجي رب کي پڪاريندا آهن.

اسان جو حال اهو آهي جو ڪڏهن سخاوت ڪري بہ وٺون تہ خودپسنديءَ جو شڪار ٿي ويندا آهيون، پنهنجي اندر ئي اندر وڏائي ڪرڻ لڳندا آهيون تہ ڏسو! مان ڪيترو سخي آهيان، مون ايتري رقم راهِ خدا ۾ خرچ ڪري ڇڏي ۽ جيڪڏهن تهجد جي سعادت ملي وڃي، تڏهن تہ اسان جا پير ئي زمين تي ناهن لڳندا، ڪجهہ نفل پڙهي پاڻ کي جيئن تمام وڏو ولي ۽ نيڪوڪار سمجهڻ لڳندا آهيون پر ڪامل ايمان وارن جو شان ئي نرالو آهي، انهن جون راتيون عبادت ۾ گذرنديون آهن، هر گهڙي نيڪيون ڪندا آهن، راهِ خدا ۾ اخلاص سان دل کولي خرچ ڪرڻ جا عادي هوندا آهن، ان جي باوجود دل جي ڪيفيت ڪهڙي هوندي آهي؟ فرمايو:

خَوْفًا وَّ طَمَعًا

(پاره: 21، سورة سجده:16)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ڊڄندي ۽ اميد ڪندي.

راتيں زاری کر کر رووندے، نیندر اکھیں دی دھوندے
فجریں اوگنہار کہاندے سب تھیں نیویں ہوندے

[1]ـــ رات جو جاڳي عبادت ڪرڻ

وضاحت: يعني هي الله وارا آهن، انهن جون راتيون خدا جي خوف ۾ روئيندي، گريہ وزاري ڪندي گذرنديون آهن، جنهن جي ڪري انهن جون نندون اڏامي وينديون آهن، ان جي باوجود جڏهن صبح ٿيندي آهي تہ ماڻهن جي سامهون پنهنجو پاڻ کي سڀ کان وڏو گنهگار تصور ڪندا آهن.

هي الله وارن جو شان آهي، هي ڪامل ايمان وارن جو شان آهي تہ انهن جون دليون خدا جي خوف ۽ رحمت جي اميد سان پريل هونديون آهن، الله پاڪ قهار آهي، اهو سوچي ڪري انهن جون دليون ڏڪڻ لڳنديون آهن پوءِ وري هي سوچي تہ هو رحمٰن بہ آهي، پوءِ تسلي ملي ويندي آهي، هي ڏڪندا آهن تہ افسوس! ڪٿي هي گندو وجود ۽ ڪٿي رب ڪائنات جي بلند بارگاهہ، مان هن بارگاه ۾ حاضري ڏيان تہ ڪيئن ڏيان، پوءِ گڏوگڏ هي اميد بہ ٻڌجندي آهي تہ هن در کان ڌڪارجي ڪٿي ويندس؟ (صحيح پڙهڻ: آهي تہ هن در کان ڦرياسين تہ ڀلا وينداسين ڪاڏي...!!

جو ہیبت سے رُکے مُجْرِم تو رحمت نے کہا بڑھ کر | چلے آؤ! چلے آؤ! یہ گھر رحمٰن کا گھر ہے

هي الله پاڪ جا نيڪ ٻانها، هي ڪامل ايمان وارا پنهنجي نيڪين تي فخر ناهن ڪندا، خودپسنديءَ جو شڪار ناهن ٿيندا، غرور ۽ تڪبر ناهن ڪندا بلڪ پنهنجي رب کي پڪاريندا آهن خوف ۽ رغبت سان. انهن جون دليون خوف ۽ اميد جي وچ ۾ رهنديون آهن.

## مان ڪڏهن اچڻ جي قابل هئس...!!

حضرت ذُوالنّون مِصْري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جڏهن نماز جي نيت ڪندا هئا تہ بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪندا هئا: مولا! اهي ڪهڙا پير آهن، جن سان هلي مان تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضري ڏيان؟ اها ڪهڙي اک آهي جنهن سان ڪعبي ڏانهن نظر ڪريان؟ اها ڪهڙي زبان آهي جنهن سان تنهنجو ذڪر ڪريان؟ (نہ پير ان قابل آهن جن سان تنهنجي طرف هلي سگهان، نہ زبان ان قابل آهي جنهن سان تنهنجو ذڪر ڪري سگهان، نہ وجود ان لائق آهي جنهن سان تنهنجي بارگاهہ ۾ بيهي سگهان پر چا ڪيان، هن در جي حاضري کي ڇڏي بہ نٿو سگهان)، جهڙو آهيان تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيان ٿو. (1)

[1]... تذڪرة الاولياء ،صفحہ:95خلا صتہً.

میں نے مانا کہ سب سے بُرا ہوں
نازِ رحمت پہ مجھ کو بڑا ہے

کس کا ہوں؟ تیرا ہوں میں تیرا ہوں
یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪامل ايمان وارن جي جزا

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڪامل ايمان وارن جون چار ڳالهيون آهن: 2 انهن جون پاڪيزه عادتون جو (1): اهي شب بيداري ڪندا آهن، رات جو نمازون پڙهندا آهن (2): راهِ خدا ۾ خرچ ڪندا آهن. ۽ ٻه انهن جون پاڪيزه ڪيفيتون جو (3): اهي الله پاڪ کان ڊڄندا به آهن (4): ۽ ان جي رحمت جي اميد به دل ۾ رکندا آهن. انهن ڪامل ايمان وارن جو انعام ڇا آهي؟ الله پاڪ فرمايو

فَلَا تَعْلَمُ نَفْسٌ مَّاۤ اُخْفِیَ لَهُمْ مِّنْ قُرَّةِ اَعْیُنٍۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا یَعْمَلُوْنَ(۱۷)
(پاره: 21، سورة سجده:17)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** پوءِ ڪنهن ساهه کي معلوم ناهي اها اکين جي ٿڌاڻ جيڪا انهن جي لاءِ انهن جي عملن جي بدلي ۾ لڪائي رکي آهي.

يعني ان سخي، نيڪ، شب بيدار ايمان وارن جي لاءِ جنّت جون اهڙيون نعمتون تيار ڪيون ويون آهن جو جن کي ڪنهن اک ناهي ڏٺو، نه ئي ڪنهن کي انهن نعمتن جو تفصيلي علم آهي. بخاري شريف جي حديث پاڪ ۾آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو: اَعْدَدْتُ لِعِبَادِیَ الصَّالِحِیْنَ مَا لَاعَیْنٌ رَاَتْ، وَ لَا اُذُنٌ سَمِعَتْ وَ لَا خَطَرَ عَلٰی قَلْبِ بَشَرٍ يعني مون پنهنجي نيڪ ٻانهن لاءِ اهي نعمتون تيار ڪري رکيون آهن جو جن کي نه ڪنهن اک ڏٺو، نه ڪنهن ڪن انهن جو ذڪر ٻڌو، نه ڪنهن دل تي انهن جو خيال گذريو آهي.[1]

[1]…بخاری ،کتاب التفسیر،باب فلاتعلم نفس ما اخفی لہم ،صفحہ:1215،حدیث :4779۔

# جنت جو بلند رتبي وارو ماڻهو

هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ جي نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: جنت ۾ سڀ کان گهٽ رتبي وارو ڪير هوندو؟ الله پاڪ فرمايو: جڏهن سڀ جنّتي جنت ۾ هليا ويندا ته هڪ شخص کي آندو ويندو، ان کي حڪم ڏيندو: جنت ۾ هليو وڃ! اهو عرض ڪندو: اي ربّ ڪريم! ڪيئن هليو وڃان، جنت ته پرجي چڪي آهي، سڀئي پنهنجي پنهنجي منزلن ۾ آهن. ان کي چيو ويندو: ڇا تون ان تي راضي آهين ته تنهنجي لاءِ ڪنهن دنياوي بادشاهه جي ملڪيت جي برابر جنت هجي؟ اهو چوندو: ها! منهنجا مولا! مان ان تي راضي آهيان، ان کي چيو ويندو: تنهنجي لاءِ ان کان ڏهه ڀيرا وڌيڪ جنت آهي ۽ تنهنجي لاءِ هر اها نعمت آهي جنهن جي تون خواهش ڪرين. اهو سڀ کان ادنيٰ جنّتي هوندو. حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ٻيو سوال عرض ڪيو: سڀ کان بلند رتبي وارو جنّتي ڪير هوندو؟ الله پاڪ فرمايو: اي موسيٰ! هي اهي ماڻهو آهن جن جي لاءِ نعمتون مون پنهنجي دستِ قدرت سان ٺاهيون، انهن تي نعمت مڪمل ڪري ڇڏي، انهن جي لاءِ اهي اَنعام آهن جن کي نه ڪنهن اک ڏٺو، نه ڪنهن ڪن انهن جو ذڪر ٻڌو، نه ڪنهن انسان جي دل ۾ انهن جو خيال گذريو. (1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! چار ڪم آهن: (1) شب بيداري (2) راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ (3) خوفِ خدا ۽ (4) رحمت جي اميد. ڪامل ايمان وارن جون اهي چار ڳالهيون آهن، انهن تي هنن کي ڪهڙن ڪهڙن عظيم انعامن سان نوازيو ويندو...!! ڪاش! اسان به اهي نيڪ ڪم ڪرڻ وارا بڻجي وڃون".

هر گُنَه سے بچا مجھ کو مولیٰ | نیک خصلت بنا مجھ کو مولیٰ
تجھ کو رمضان کا واسطہ ہے | یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے
فضل کر رحم کر تُو عطا کر | اور معاف اے خُدا ہر خطا کر
واسطہ پنجتن پاک کا ہے | یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ...مسلم، كتاب الايمان، باب ادنى اہل الجنۃ منزلۃ فيہا، صفحہ:92، حديث :189 ملتقطاً۔

## (2-1) رمضان جو مهينوءِ خوف ۽ اميد

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ جو مقدس مهينو آهي، ڪامل ايمان وارن جون هي چار وصفون اپنائڻ جو بهترين موسم آهي. ۞سڄو رمضان جو مهينو خوف ۽ اميد جي ملندڙ جُلندڙ ڪيفيت ۾ گذاريو، افطار جو وقت ٿئي ته دل ڪنبڻ لڳي ته مون سڄو ڏينهن روزو رکيو، بک اُڃ برداشت ڪئي، افسوس! خبر ناهي منهنجو روزو قبول به ٿيو يا نه، گڏوگڏ اڪين ۾ اها اميد به هجي ته الله پاڪ رحمٰن آهي، هو ڪنهن جي محنت ڪي ضايع ناهي ڪندو، منهنجو روزو به ضرور قبول فرمائيندو. ۞رات جو تراويح پڙهو ته دل خوف کان ڏڪي رهيو هجي، گڏوگڏ ان جي رحمت جي اميد به دل ۾ هجي ۞سحريءَ ۾ اُٿي، تهجد پڙهون ته اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳن ته خبر ناهي اڄ سحريءَ جي وقت بخشيلن ۾ منهنجو به نالو هوندو يا نه، گڏو گڏ رحمت جي اميد دل کي دلاسو به ڏئي رهي هجي ته الله پاڪ رحمٰن آهي، پنهنجي گنهگار ٻانهن کي بخشي ڇڏيندو آهي. مطلب ته سڄو رمضان جو مهينو انهيءَ خوف ۽ اميد جي ڪشمڪش ۾ گذري رهيو هجي، هر لمحو اسان کي هيءُ خوف تڙپائي ته خبر ناهي هن رمضان ۾ منهنجي بخشش ٿي سگهندي يا نه، گڏو گڏ رحمت آٿت ڏئي رهي هجي ته منهنجو مالڪ ڪريم آهي، وڏو بي نياز، گهڻو نوازيندڙ آهي، بخشي ئي ڇڏيندو.

میں رحمت، مغفِرت، دوزخ سے آزادی کا سائل ہوں
مہِ رمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولیٰ

## (3): رمضان جو مهينوءِ سخاوت

ائين ئي! ماهِ رمضان راهِ خدا ۾ خوب خرچ ڪرڻ جو مهينو آهي. پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سخين جا سخي آهن، سندن جي سخاوتن جو اندازو ڪير لڳائي سگهي ٿو، انهيءَ در جي سخاوت سان سڄو جهان فيض حاصل ڪري رهيو آهي، ان جي باوجود جو عام ڏينهن ۾ به پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سخاوت جي ڪا انتها ناهي، رمضان

مهيني ۾ پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سخاوت جو درياء وڌيڪ جوش ۾ اچي ويندو هو.

كاش! اسان به رمضان المبارڪ ۾ ڪامل ايمان وارن جو هي وصف اپنايون، خوب سخاوت ڪريون، دل ڪولي خدا جي راهه ۾ خرچ ڪريون. پهريان جيترو خدا جي راهه ۾ ڏيندا آهيون، رمضان المبارڪ ۾ ان ڪان وڌيڪ ڏيون، اسان جي معاشري ۾ غريبن جي ڪمي ناهي، ڪيترا يتيم، مسڪين، غريب ويچارا اهڙا هوندا جن جون سحريون ۽ افطاريون پاڻي سان ٿي رهيون هونديون، ڪجور خريد ڪرڻ جي به ٿي سگهي ٿو ته طاقت نه هجي، پوءِ رمضان المبارڪ ڪان بعد عيد به اچي ويندي آهي، ويچارا غريب چڱي نموني روزا رکي سگهن، سحري ۽ افطاري ۾ انهن جو به دسترخوان سجي، انهن کي به الله پاڪ جون پيدا ڪيل نعمتون کائڻ جو موقعو ملي، پوءِ عيد به چڱي نموني گذاري سگهن، ان لاءِ رمضان المبارڪ ۾ خوب دل ڪولي صدقو ۽ خيرات ڪرڻ گهرجي.

پنهنجي غريب مائٽن سان حسنِ سلوڪ سان پيش اچو انهن جون حاجتون پوريون ڪرڻ به حسنِ سلوڪ آهي. ۞پنهنجي زڪوٰة ۞فطرو هاڻي سان ئي انهن غريبن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو. ۞انهن کي راشن ڏيو، ۞ڪاڌي جو سامان ڏيو، ۞ گهر گهر وڃي انهن ۾ اناج مثلاً چانور، ڪڻڪ، دالون ۽ ڪيش رقم ورهايو، ۞انهن جي افطاري جو اهتمام ڪريو. شيخ طريقت، امير اهل سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه اسان کي ڪيتري پياري سوچ ڏيندا آهن ته مسجدن ۾ افطاريون ڪرائڻ سان گڏ اسان غريب ماڻهن جي گهرن ۾ به افطاري جو سامان يا راشن پهچائي ڇڏيون ته جيئن جيڪي پوڙها، بيمار، بار مسجد ۾ نٿا اچي سگهن انهن کي به آساني ٿئي ۽ انهن جون دليون به خوش ٿين. الله پاڪ اسان کي راهِ خدا ۾ دل ڪولي خرچ ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

## مدني عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي، هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مشغول آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ۞ ڪنزالمدارس بورڊ جي نالي سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي. ۞ تقريباً **16 هزار 500 کان وڌيڪ** جامعات و مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره، عالِم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تخصصات *(Specialization)*، فرائض علوم ڪورسز ڪرايا ويندا آهن ۞ جامعات و مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) جي طلبا جو تعداد تقريبًا **5 لک 23 هزار** آهي. ۞ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي قرآن ڪريم جي تعليم ڏيڻ لاءِ هن وقت تائين تقريباً **68 هزار کان وڌيڪ** مدارس اَلمدينہ بالغان و بالغات قائم ڪيا ويا آهن، ۞ فيضان آن لائن اڪيڊمي جي ذريعي تقريباً **24 هزار** طلبا و طالبات ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ۞ هن وقت تائين تقريباً **21 دارالافتاء اهلسنت قائم** ڪيا ويا آهن، جن ۾ شرعي رهنمائين جو تعداد هر ماهہ **اوسطاً 20 هزار** آهي. ۞ **المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)** *(Islamic Research Center)* جي ذريعي ديني لٽريچر تي تحقيقي ڪم ڪيو ويندو آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هن شعبي تحت هن وقت تائين **1784 ڪتابن ۽ رسالن** تي ڪم ٿي چڪو آهي. هن شعبي ۾ ڪيترائي مدني عالِمَ سڳورا خدمت انجام ڏئي رهيا آهن، الله پاڪ جي ڪرم سان دعوتِ اسلامي انهن مدني عالمن کي باقاعده پگهارون ڏيندي آهي. ۞ ديني لٽريچر جي اشاعت لاءِ دعوتِ اسلامي پنهنجو اشاعتي ادارو **مڪتبة المدينہ** قائم ڪيو آهي، جتي بهترين ۽ خوبصورت انداز ۾ ڪتابن جي اشاعت ڪئي ويندي آهي، تقسيم رسائل (يعني مختلف ڪتابَ ۽ رسالا مفت ۾ ورهائڻ) جو سلسلو بہ جاري آهي ۽ ڪتاب وڪرو بہ ڪيا ويندا آهن ۞ سڄي دنيا ۾ ديني ڪمن جي ڌوم مچائڻ لاءِ دعوتِ اسلاميءَ جو مڪمل تنظيمي سيٽ اپ موجود آهي، ذيلي حلقي کان وٺي مرڪزي مجلسِ شوريٰ تائين پورو هڪ نظام قائم آهي، شهر

شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۾ ذمّيدارَ موجود آهن. ۞ عاشقانِ رسول جي تربيت ڪري انهن کي ديني ڪم ڪرڻ لاءِ ملڪ اندر ۽ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو آهي، انهن کي باقاعده پگهارون ڏنيون وينديون آهن ۽ اهي فارغ البال (يعني ڪمائڻ کان بي پرواهه) ٿي دين جي خدمت ڪندا آهن. ۞ ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمز تي بہ خدمتِ دين جو سلسلو جاري آهي، ۞ پرنٽ ميڊيا (۾ ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن سان گڏوگڏ ماهوار فيضانِ مدينہ جي اشاعت جو سلسلو بہ جاري آهي جيڪو هن وقت دنيا جي7 وڏين ٻولين ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ماهوار رسالو آهي) ۞ سوشل ميڊيا (جهڙوڪ يوٽيوب *(Youtube)*، فيس بُڪ *(Facebook)*، انسٽاگرام *(Instagram)* وغيرهہ) تي تقريباً **100** اڪائونٽ موجود آهن، جن تي تقريباً **50 ملين** *(Million)* يعني 5 ڪروڙ فالورز آهن، جڏهن تہ ويوز *(Views)* جو تعداد بلينز *(Billions)* يعني **100** ڪروڙ کان بہ وڌيڪ ٿي چڪو آهي. ۞ ان کان علاوه مدني چينل اردو، انگريزي، بنگالي ٻولين ۾، ڪڊز مدني چينل، ٻزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل ذريعي دينِ اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي ۞ آءِ ٽي جي شعبي طرفان هن وقت تائين 32 موبائل ايپلي ڪيشن ۽ 40 اسلامي ويب سائيٽس لانچ ڪيون ويون آهن ۞ سموري دنيا جي مسلمانن جي خير خواهي لاءِ ايف جي آر ايف *(FGRF)* جو شعبو قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جي تحت هن وقت تائين: ۞ **30 لک کان وڌيڪ** وڻ پوکيا ويا آهن ۞ تقريباً **60 لک** ماڻهن جي مدد ڪئي وئي آهي ۞ **5 هزار کان وڌيڪ** گهر تعمير ڪيا ويا آهن ۞ **75 هزار کان وڌيڪ** خون جون بوتلون عطيو ڪيون ويون آهن ۞ هيلٿ ڪيئر سينٽر ۾ هن وقت تائين **32 هزار کان وڌيڪ** مريض علاج لاءِ اچي چڪا آهن.

انهن سيني ۽ ٻين ديني ڪمن کي جاري رکڻ لاءِ دعوتِ اسلامي کي ڪروڙين روپين جا خرچ برداشت ڪرڻا پون ٿا. انهن خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ توهان بہ خدمتِ دين جي هن نيڪ ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو، توهان جا عطيات يعني چندو ڪنهن بہ نيڪ، جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خير خواهي، ڀلائي ۽ آمدني

وڏائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪم ۾ لڳائي سگهجي ٿو تہ جيئن وڏنڊ خرچن کي پورو ڪري سگهجي.

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (4): رمضان جو مهينو۽ شب بيداري[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪامل ايمان وارن جو چوٿون وصف: شب بيداري. عام ڏينهن ۾ بہ اسان کي رات عبادت ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، هاڻي تہ وري رمضان المبارڪ آهي! نيڪين وارو مهينو آهي، هاڻي بہ جيڪڏهن رات جو جاڳي ڪري عبادت ۽ رياضت نہ ڪنداسين تہ ٻيو ڪهڙو موقعو هوندو؟ ڪهڙي وقت شب بيداري ڪنداسين؟

## شب بيداري[2] جا فضائل

۞ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي انسانو! سلام کي عام ڪريو! ماڻهن کي کاڌو کارايو! ۽ جڏهن ماڻهو سمهي رهيا هجن تہ نماز پڙهو! توهان سلامتي سان جنت ۾ داخل ٿي ويندؤ [3] ۞هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: منهنجي امت جا گهڻي شرف وارا ماڻهو اهلِ قرآن ۽ اصحابُ اللّيل (يعني رات جو عبادت ڪرڻ وارا) آهن.[4] ۞حديث پاڪ ۾ آهي: اهي 2 رڪعتون جنهن کي ٻانهو رات جي وچ ۾ ادا ڪندو آهي، ان لاءِ دنيا ۽ جيڪو ڪجهه ان(دنيا) ۾ آهي ان کان بهتر آهن، جيڪڏهن مان پنهنجي امت تي ان کي مشڪل نہ سمجهان ها تہ انهن تي ان کي فرض ڪري ڇڏيان ها [5]

---

[1]... رات جو جاڳي عبادت ڪرڻ

[2]... رات جو جاڳي عبادت ڪرڻ

[3]...مصنف ابن ابی شیبہ،کتاب الاوائل ،باب اول ما فعل ،جلد:8،صفحہ:338،حدیث :115ملتقطاً۔

[4]... شُعَبِ الایمان ،باب فی تعظیم القرآن ،جلد:2،صفحہ:556،حدیث :2703۔

5... الزہد لابن المبارک، جزء :10، صفحہ:364 حدیث:1289 ۔

## شب بيداري نيڪ ماڻهن جو طريقو آهي

۞ الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان تي رات جو قيام لازم آهي ڇو تہ بيشڪ هي توهان کان اڳ نيڪ ماڻهن جو طريقو هو، رات جو قيام الله پاڪ جو قرب ڏياريندو آهي، گناهہ مٽائيندو آهي، برائين کان بچائيندو آهي ۽ جسم مان بيمارين کي ڀڄائيندو آهي. (1)

## الله وارن جون شب بيداريون

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! شب بيداري عشق ۽ محبت وارن، اولياء الله جو طريقو آهي، اسان جا اسلاف، بزرگانِ دين، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها پوري پوري رات عبادت ۾ گذاريندا هئا ۞ حضرت حماد بن ابي سليمان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: امام اعظم ابو حنيفہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سڄي رات جاڳي عبادت فرمائيندا هئا. (2) ۞ حضرت ثابت بناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 50 سال مسلسل شب بيداري ڪندا رهيا، جڏهن سحري جو وقت ٿيندو هو تہ هيئن دعا گهرندا هئا: اي الله پاڪ! جيڪڏهن تو پنهنجي مخلوق مان ڪنهن کي قبر ۾ نماز ادا ڪرڻ جو شرف عطا فرمايو آهي تہ مون کي بہ عطا ڪجان. الله پاڪ سندن جي هي دعا قبول ڪئي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي قبرِ انور مان تلاوت جو آواز ايندو هو. (3)

۞ حضرت رابعہ بصريہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها 50 سال اهڙا گذاريا جو ڪڏهن وهاڻي تي مٿو نہ رکيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها سڄي رات نماز پڙهنديون رهنديون هيون ۽ جڏهن فجر جو وقت قريب ٿيندو هو تہ ٿوري دير لاءِ مصلي تي ئي ليٽي پونديون هيون، پوءِ بيدار ٿي چونديون هيون: اي نفس! تون ڪيترو سمهندين؟ ۽ ڪڏهن جاڳندين؟ (4) ۞ عظيم تابعي حضرت اُوَيس قرني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عادتِ مبارڪ هئي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رات جو اٿندا ۽ چوندا هئا: اڄ قيام جي رات

---

1 ...ترمذی ،کتاب الدعوات، باب فی دعا ء النبی ،صفحہ:811،حدیث: 3549۔

2 ... حکایتیں اور نصیحتیں ،صفحہ:326۔

3 ... اللہ والوں کی باتیں، جلد:2،صفحہ:489 ۔

4 ... صراط لجنان، پارہ:19،سورۃ فرقان ،زیرآیت:64،جلد:7،صفحہ:53بتغیر قلیل ۔

آهي، پوءِ پوري رات قيام ۾ گذاري ڇڏيندا هئا، اڳين رات چوندا هئا: اڄ رڪوع جي رات آهي پوءِ سڄي رات رڪوع ۾ گذاري ڇڏيندا هئا، ٽين رات چوندا هئا: اڄ سجدي جي رات آهي، پوءِ سڄي رات سجدي ۾ ئي گذاري ڇڏيندا هئا. (1)

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهن الله پاڪ جا نيڪ ٻانها، هي ڏينهن رات عبادت ۾ مصروف رهندا هئا، افسوس! هڪ اسان آهيون، هاڻي رمضان جو مهينو آهي، عبادت ۽ رياضت جي هن موسمِ بهار ۾ به اسان عبادت نٿا ڪري سگهون، افسوس! ڪيترا اهڙا آهن جن جون رمضان جون راتيون فضوليات ۾ گذري وڃن ٿيون ۞ ماڻهو ٽائيم پاس ڪرڻ لاءِ ڪِهڙين ۾ ڪيڏي رهيا هوندا آهن ۞ ڪو فضول گفتگو ۾ مصروف رهندو آهي، ۞ ڪو سوشل ميڊيا جو بيجا استعمال ڪندي رات گذاري ڇڏيندو آهي ۽ ۞ ڪيترا ته اهڙا نادان به آهن جن جون رمضان جون راتيون به گناهن ۾ گذري وڃن ٿيون. افسوس! ڪاش! اسان کي رمضان جو قدر نصيب ٿي وڃي! ڪاش! اسان به نيڪ ماڻهن وانگر دل لڳائي عبادت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

عبادت میں گزرے مری زندگانی
کرم ہو کرم یاخدا! یاالٰہی!

بنادے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ
گناہوں سے ہر دم بچا یاالٰہی!

مِرے دل سے دنیا کی چاہت مٹا کر
کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرتِ خديجه جو ذڪرِ خير

پيارا اسلامي ڀائرو! 10 رمضان المبارڪ يومِ خَدِيجة الكُبريٰ رَضِىَ اللّٰهُ عَنْها به آهي اچو! مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ سيده خديجه رَضِىَ اللّٰهُ عَنْها جو ذڪرِ خير ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا:

---

[1]... تفسير روح البيان ،پاره :21،سورهٔ سجده،زير آيت:16،جلد:7، صفحه:121۔

مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ سيده خديجہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جو نالو خديجة، والِد جو نالو خُوَيْلِد ۽ والِده جو نالو فاطمہ آهي ۞ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جي كنيت اُمّ قَاسِم ۽ اُمِّ هِند آهي ۞ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جا لقبَ طاهره، سَيِّدَةُ قُرَيش ، صِدّيقہ ۽ الكُبريٰ آهِن ۞ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا عورتن ۾ سڀ كان پهريان اِسلام قبول كيو ۞ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا پنهنجو سڄو مال حُضُورصَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قدمن تي قربان كري ڇڏيو ۽ پنهنجي سڄي عمر حُضُورصَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت كندي گذاري.

سيده خديجہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا تقريباً 25 سال حُضور پرنور صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شريكِ حيات رهيون ۽ اعلانِ نبوت جي ڏهين سال ماهِ رمضانُ المبارك ۾ وصال فرمايائون. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جو مزارِ پاك جنّتُ المعليٰ ۾ آهي. اللّٰه پاك جي اُن تي رحمت هجي ۽ اُن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مدني قاعدو (Madani Qaida) موبائل ايپلي كيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ كريم جو فيضان عام كرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي I.T ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي كيشن جاري كئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعدو (Madani Qaida). هن ايپلي كيشن ۾ مكمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو (Audio) شامل كئي وئي آهي يعني هن ايپلي كيشن ۾ توهان مدني قاعدي جي جنهن اكر يا جنهن لفظ تي كلك (Click) كندؤ، آڊيو (Audio) ۾ ان جو تَلَفُّظ هلندو، ايئن هن ايپلي كيشن جي مدد سان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي كري، ان جي مشق (Practice) كري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سكي سگهجي ٿي. هي ايپلي كيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال كري ونو، پاڻ بہ فائدو حاصل كيو ۽ ٻين كي بہ ترغيب ڏياريو.

## صحيح ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ مشهور غلط مسئلي جي نشاندهي)

**مسئلو:** روزو رکڻ لاءِ صبح صادق کان اڳ ئي کائڻ پيئڻ بند ڪرڻ ضروري آهي.

**وضاحت:** عام طور تي ماڻهن ۾ اها غلط فهمي هوندي آهي ته ڪافي ماڻهو اَذان يا سائرن تي سحري ۽ افطار ڪن ٿا بلڪ ڪي ماڻهو ته فجر جي اذان دوران به کائيندا پيئندا رهن ٿا، ڪي اَذانِ فجر شروع ٿيڻ تي پنهنجي اصطلاح ۾ روزو بند ڪندا آهن. اهي بلڪل غلط انداز آهن، اهڙيءَ طرح روزو بند ته ڇا ٿيندو، شروع ئي نه ٿيندو.

ياد رکو! سحري ۽ افطار جو تعلق اذان سان نه بلڪ وقت سان آهي، جيئن ئي سحري جو وقت ختم ٿيو، هاڻي ڪجهه کائي پي نٿا سگهون، جيڪڏهن ڪجهه کاڌو، چاهي هڪ قطرو ئي پاڻي پيتو ته روزو نه ٿيندو. جيستائين ڳالهه آهي فجر جي اذان جي ته ان جو سحري سان ڪو به تعلق ناهي، سحري جو وقت پهريان ختم ٿيندو آهي ۽ اذانِ فجر ان کان بعد ڏني ويندي آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي موبائل ايپليڪيشن "Prayer Times" موجود آهي، هر شهر جي لاءِ الڳ الڳ ڪئلينڊر به دعوتِ اسلامي جاري ڪيا آهن، ان جي مدد سان گهڙي جي وقت جو خيال رکندي سحري ۽ افطاري ڪندا ڪريو. الله پاڪ هر مسلمان کي عقلِ سليم عطا فرمائي ۽ صحيح وقتن جي معلومات ڪري روزو نماز وغيره عبادتون درست ادا ڪرڻ جي توفيق فرمائي.[1] اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اسماء الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### ياجَبَّارُ

جيڪو به ياجَبَّارُ جو مسلسل ورد رکندو، پنهنجي غيبت کان بچندو رهندو[2] اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ...فيضانِ رمضان، صفحه:110-111ملتقطاً۔

[2] ...مدنی پنج سوره ،صفحه:247۔